Sociology & Cultural Research Review (SCRR)
Available Online: https://scrrjournal.com
Print ISSN: 3007-3103 Online ISSN: 3007-3111
Platform & Workflow by: Open Journal Systems
https://doi.org/10.5281/zenodo.21945379

# A Research Study of Complex Words in the Poetry of Shah Latif
# شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ مرتب لفظن جو تحقيقي جائزو

**Moala Bux Bohio**
IBA PSs (EST- Sindhi), PhD Scholar university of Karachi, Daptmant of Sindhi
**Corresponding Author**

## Abstract

*Prefix and suffix morphemes are used with remarkable skill in the poetry of Shah Latif. He was not merely a poet who composed in conventional style; rather, his word compositions are presented in an artistic and magnificent manner that captivates the reader. The unparalleled qualities of the Sindhi language are evident throughout his poetry, where each morphological and semantic element occupies its own fixed and designated place, lending his lexical structure greater strength and order.*

*Numerous distinctive morphological formations appear in his poetry, which were commonly prevalent in his era but are less visible in present-day Sindhi. Given a span of roughly two and a half centuries, changes in the language are inevitable, as Sindhi continues to transform in accordance with evolving social needs. Such morphological shifts hold great significance in historical linguistics and are regarded as an authoritative method for tracing the origin and lineage of any language.*

*Shah Latif, in his poetry, created new words through prefixation using bound morphemes drawn from Sindhi, Arabic, and Persian, which introduce variation according to gender, number, and affirmative or negative states. His word formations are so captivating that, despite the passage of centuries, the flavor of his poetry remains intact to this day, with no alteration whatsoever.*

***KEYWORDS***: *Shah Abdul Latif, Sindhi Morphology, Compound Words, Free Morpheme, Bound Morpheme, Prefixation, Suffixation, Word Formation, Historical Linguistics, Lexical Structure, Root Word, Affixation, Sindhi Poetry, Semantic Change, Language Evolution.*

شاھه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل لفظي روپ، اڳياڙي ۽ پڇاڙي جي صورت ۾ نهايت سگهرائيءَ سان استعمال ٿيل آهن. شاھه لطيف، ٻين عام شاعرن وانگر، رڳو قلم يا ڪاغذ ڪٽي، اکر جوڙي، مروج نموني شاعري نه ڪئي آهي، بلڪه سندس شاعريءَ جي اها نمايان ۽ منفرد خوبي آهي، جو ان ۾ لفظي ترڪيبون تمام گهڻي فنڪاراڻي ۽ شاندار نموني سان ڪم آيل آهن، جيڪي پڙهندڙ کي متاثر ڪن ٿيون.

شاھه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جون لاثاني ۽ اڻ لڀ خوبيون نظر اچن. سندس شاعريءَ ۾ صرفي بناوتون تمام اهم، نرالي ۽ منفرد حيثيت رکن ٿيون، ۽ صرفي جوڙجڪ جي اصولن موجب، لفظن جي صرفي توڙي معنوي جزن مان، هر هڪ جي پنهنجي پنهنجي مقرر ۽ مخصوص جاءِ مقرر ٿيل آهي، جنهن سان سندس شاعريءَ جي لفظي بيهڪ وڌيڪ مضبوط ۽ باترتيب بڻجي پوي ٿي.

**مرتب لفظ جو تعارف**

مرتب لفظ اهو لفظ آهي، جيڪو ڪنهن آزاد روپ ۽ پابند روپ جي ميلاپ سان ٺهي ٿو. ان جي جوڙجڪ ۾ اڳياڙي يا پڇاڙي شامل ٿئي ٿي، جيڪا لفظ جي بنيادي معنيٰ کي نئون روپ ڏئي ٿي. مرتب لفظ جو بنيادي حصو هڪ آزاد روپ هوندو آهي، يعني اهڙو لفظ جيڪو پاڻ ۾ مڪمل ۽ خودمختيار معنيٰ رکندڙ هجي ۽ اڪيلو استعمال ٿي سگهي. ان سان گڏ هڪ پابند روپ ملايو ويندو آهي، جيڪو پاڻ پاڻ ۾ اڪيلو ڪا مڪمل معنيٰ نه ٿو ڏئي، پر ٻئي لفظ سان لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ئي ڪم آڻي سگهجي ٿو. اهو ئي پابند روپ، لفظ جي اڳياڙي يا پڇاڙي جي صورت ۾ استعمال ٿئي ٿو ۽ اهڙي ريت نئون مرتب لفظ ٺهي پوي ٿو.

”اُهو لفظ جنهن ۾ هڪ يا وڌيڪ پر-وس روپَ شامل ڪيل هجن، اهڙي لفظ کي مرتب لفظ چئبو آهي.“ (الانا، 2005ع، ص 43)

مرتب اهڙو لفظ آهي، جنهن ۾ پر-وس روپ جو هجڻ لازمي آهي. پر-وس روپ جو ميلاپ رڳو مرتب لفظ سان ئي ممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته اهي روپ ابتدائي لفظ سان گڏ ملائي استعمال ڪيا وڃن ٿا.

”مرتب لفظ (complex word) اهو آهي، جنهن ۾ هڪدم ويجهن جزن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ جزو پر-وس روپ آهي.“ (جروار، 2009ع، ص 172)

مرتب اهو لفظ آهي، جنهن ۾ به ويجها جزا ڪم آندا ويندا آهن، جن مان هڪ جزو پر-وس ۽ ٻيو آزاد روپ هوندو آهي. جڏهن مرتب لفظ کي ٽوڙيو وڃي ٿو، ته ان جا ٻئي جزا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي معنيٰ رکندڙ ثابت ٿين ٿا. پر-وس روپ اڪيلو سر ڪا به معنيٰ نه ٿو رکي ۽ نه ئي اهو ٻوليءَ ۾ خودمختيار طور ڪم اچي سگهي ٿو. اهو تڏهن معنيٰ دار ٿئي ٿو، جڏهن ڪنهن سالم لفظ سان گڏجي، ان جي اڳ، وچ يا پٺ ۾ ڪم اچي. اهڙي ريت جڏهن پر-وس جزو ڪنهن مفرد لفظ سان ملي ٿو، تڏهن ئي ان جي معنيٰ ظاهر ٿئي ٿي. پر-وس روپ جي، ڪنهن سالم لفظ سان ٿيل جوڙ سان جيڪو نئون لفظ ٺهي ٿو، تنهن کي مرتب لفظ ڪوٺيو وڃي ٿو.

”پيچيدا لفظ اُهي آهن جن جي روپن کي مطلب وارن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهبو. سڀ جزا پابند روپَ رکندا يا انهن مان هڪ آزاد هوندو. ازانسواءِ انهن مان هڪ روپ بنياد يا پيڙهه طور ڪم آيل هوندي ۽ ٻيون جوڙ طور استعمال ٿيل هونديون.“(جتوئي، 2018ع، ص 113)

مرتب لفظ کي معنيٰ رکندڙ جزن يا حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهن جزن مان هڪ پابند روپ ۽ ٻيو آزاد روپ هوندو آهي، جيڪو پيڙهه طور ڪم ايندو آهي. مطلب ته ڪنهن به آزاد روپ سان پابند روپ جو گڏجڻ، مرتب لفظ کي جنم ڏئي ٿو.

مفرد لفظ سان پابند روپ ملائي مرتب لفظ جوڙيا وڃن ٿا، جيڪي آزاد روپ سان اڳياڙي ۽ پڇاڙي جي جوڙ جي صورت ۾ ڪم اچن ٿا. جڏهن مرتب لفظ کي ٽوڙبو، ته ان مان هڪ بنياد يا پيڙهه طور ڪم آيل لفظ ۽ ٻيو پابند روپ ملندو. پر ڪجهه اهڙا به مرتب لفظ ٿين ٿا، جن ۾ هڪ سادو لفظ ۽ ٻيو پد استعمال ٿيل هوندو آهي . مثال طور: اَوير، اَروٺ، اَڃاڻ، اَنيڪ، اَپرو، اَپار، آدرش، آنرڻ، اُپت، اُبرڻ، اُپمان، اَپياس، اَيمان، اَتيت، اوڳڻ، اوتڙ، اڻڇاڻ، پرگهور وغيره.

مرتب لفظن جي جوڙ ٺوڙ ۾ وڏو ڪردار انهن جي گهاڙيٽي ۾ شامل اڳياڙين ۽ پڇاڙين جو آهي، جن جي ذريعي لفظ ۾ واڌارو ڪيو ويندو آهي. مفرد لفظ سان ڪجهه پر-وس اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي، مفرد لفظ جي روپ کي گهٽ وڌ ڪري، هڪ نئون معنيٰ رکندڙ لفظ ٺاهيو ويندو آهي.

ٻولين اندر مفرد لفظن سان اڳياڙين جو استعمال گهٽتو ڪري انهن لفظن جي معنيٰ ۾ فرق آڻڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو. مرتب لفظن ۾ صرفياتي اڳياڙين ۽ پڇاڙين جو ڪم، لفظن جي معنوي فرق پيدا ڪرڻ لاءِ پر-وس پدن جي صورت ۾ ورتو وڃي ٿو، جنهن سان ٻوليءَ جي لغت کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو.

**مرتب لفظ جي جوڙجڪ ۾ پدن جو تصور**

لفظ، ٻوليءَ ۾ انساني احساسن، خواهشن ۽ جذبن کي اظهار جو لباس پارائڻ جو اهم ڪم ادا ڪري ٿو. ٻوليءَ ۾ لفظ مختلف قسمن جي ڌار ڌار روپن مان جڙن ٿا. جيئن ڪجهه ٻولين ۾ لفظ هڪ پديو ٿئي ٿو، اُتي سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ عام طور ٻه پديو هوندو آهي. پد اکرن مان جڙي ٿو، جيڪو ڪنهن لفظ جي جز يا حصي تي مشتمل هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻن پدن کان مٿي به لفظ ملن ٿا.

مرتب لفظن سان جيڪي اڳياڙيون يا پڇاڙيون، پر-وس روپن جي صورت ۾ استعمال ٿين ٿيون، سي لفظ جي معنيٰ ۽ روپ ۾ تبديلي آڻڻ جي ڪم اچن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ اندر لفظ ٻن قسمن جا ملن ٿا: هڪڙا آزاد روپ ۽ ٻيا پر-وس روپ.

آزاد روپ اهو آهي، جيڪو هميشه پنهنجي مدد سان پاڻ کي ظاهر ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي ننڍن ننڍن جزن يا ٽڪرن ۾ ورهائي نه ٿو سگهجي. جيئن: گهر، چوڪر، آرام، روپ، خود وغيره. اهي سڀ آزاد روپ يا سادا لفظ سڏجن ٿا.

پر-وس روپ ڪڏهن به اڪيلي حيثيت ۾ استعمال ٿي نه ٿا سگهن، پر اُهي ڪنهن ٻئي سادي (مفرد) لفظ سان ملي، اڳياڙي يا پڇاڙي جي صورت ۾ جڙي، معنوي فرق پيدا ڪن ٿا. جيئن: سُپت، ڪُپت، اَپار، اوڳڻ، عقلمند، پالڻهار ۽ سِلحدار وغيره. اهي سڀ لفظ، هڪ پابند (پر-وس) روپ جي موجودگيءَ سان ئي ٺهيل آهن.

**شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مرتب لفظن جو استعمال**

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي صرفي بناوتون نرالي نظر اچن ٿيون، جيڪي سندس دور ۾ عام رائج هيون، پر اڄ واري سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽ نظر اچن ٿيون. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل ٻولي، اڄ کان تقريباً اڍائي سؤ سال اڳ استعمال ٿيندي هئي، ۽ ايترو وقت گذرڻ کان پوءِ اهو لازمي آهي، ته ان ۾ ڪجهه تبديليون ضرور آيون هونديون. سنڌي ٻوليءَ جي اها به هڪ اهم خاصيت آهي، ته اها وقت گذرڻ سان گڏ، پنهنجي اندر سماجي ضرورتن مطابق تبديليون آڻيندي رهي ٿي.

ٻوليءَ ۾ وقت گذرڻ سان تبديليون اينديون رهن ٿيون، ۽ ٻوليءَ جي صرفي سرشتي ۾ ايندڙ اهي ڦيرڦار، تاريخي لسانيات ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. اهو، ڪنهن به ٻوليءَ جي تاريخ لکڻ يا ان جي اصل نسل جاچڻ لاءِ، هڪ اهم ۽ مستند طريقو سمجهيو وڃي ٿو. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل ٻوليءَ ۽ اڄوڪي ٻوليءَ جي وچ ۾، ڪنهن حد تائين فرق ۽ تبديليون ضرور نظر اچن ٿيون.

**اڳياڙي جوڙ وارا مرتب لفظ**

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي خودمختيار لفظن سان اڳياڙي جوڙ طور، ڪيترين ئي سنڌي، عربي، فارسي ۽ ٻين ٻولين جون پابند روپون ڪم آڻي، انهن مان نوان لفظ پڻ ٺاهيا ويا نظر اچن ٿا. اڳياڙي جوڙ طور استعمال ٿيل اهي پابند روپ، لفظن جي جوڙجڪ ۾ جنس، عدد ۽ هاڪاري يا ناڪاري حالتن مطابق ڦير ڦار پڻ آڻين ٿا.

سنڌس شاعريءَ ۾ لفظن جي جوڙجڪ، سٽاءُ ۽ بناوت اهڙي ته پرڪشش انداز سان پيش ڪيل آهي، جو اها ٻوليءَ ۽ شاعريءَ ۾ فطري تبديليءَ جو عمل مسلسل جاري رکي ٿي. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌس شاعري ڪيترن ئي مرحلن ۽ دورن مان گذرڻ باوجود، ان ۾ موجود لفظن ۽ ٻوليءَ جو سواد ۽ لذت اڄ تائين برقرار آهي، ۽ ان ۾ ڪوبه بدلاءُ نه آيو آهي.

**اَ- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

”اَ“ جي اڳياڙي، سنڌي ٻوليءَ جي صرفي نظام ۾ اهو پابند روپ آهي، جيڪو آزاد روپ سان جڙي، انڪار جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ ملن ٿا، جيڪي هن انڪاري پابند روپ (اَ) سان ٺهيل آهن. سنڌس شاعريءَ ۾ هن اڳياڙيءَ جو استعمال هڪ منفرد انداز رکي ٿو، جيڪو نه رڳو ٻوليءَ جي لغوي ذخيري ۾ اضافو ڪري ٿو، پر شاعريءَ جي سونهن کي به برقرار رکي ٿو.

اَڄا تون اَروٽُ !ڪُوڙي خبرَ نہ لَهِم! (گربخشاڻي،2009ع، ص 111)

هن بيت ۾ لفظ ”اَروٽُ“، ”اَ“ انڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”روٽ“ جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”روٽ“ (رستو، رت يا رواني، جنهن جي معنيٰ لاڳاپي واري لفظ ”روٽ“ سان ملي ٿي) سان ”اَ“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ انڪار يا نفي جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”بي-رستو“ يا ”رستو نه ڄاڻندڙ“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.
هي مثال ثابت ڪري ٿو ته شاهه علطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ”اَ“ اڳياڙيءَ کي نهايت فني ۽ بامعنيٰ نموني ڪم آڻي، لفظن جي جوڙجڪ کي نئون رنگ ۽ گهرائي بخشي آهي.

**اَڻَ- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

”اَڻَ“، ٻوليءَ جي لفظي نظام ۾ هڪ پابند روپ آهي، جيڪو اڳياڙيءَ طور استعمال ٿيندي، لفظ جي معنيٰ ۾ ناڪاري (نفي) جو مفهوم شامل ڪري ٿو.

اُتي اَڻَتارُن، ساهَڙَ !سِيرَ لَنگهاءِ ٿُون. (گربخشاڻي،2009ع، ص 231)

هن سٽ ۾ لفظ ”اَڻَتارُنِ“، ”اَڻَ“ ناڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”تارُ“ (يعني تارڻ، پار لنگهائڻ) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”تارُ“ سان ”اَڻَ“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ نفي جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”جيڪي پار نه لنگهايل آهن“ يا ”اڻ ترايل“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال پڻ ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف ڪيئن ”اَڻَ“ اڳياڙيءَ کي فني مهارت سان ڪم آڻي، آزاد روپن مان نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس شاعريءَ جي لغوي ذخيري ۽ اظهار جي گهرائيءَ ۾ اضافو ڪن ٿا.

**اَو- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”اَو“ هڪ ناڪاري پابند اڳياڙي آهي، جيڪا مفرد لفظ سان جڙي، ان جي روپ ۽ معنيٰ ۾ ڦيرڦار آڻي ٿي. هي پابند روپ، لفظ جي اڳيان گڏجي، انڪاري يعني ناڪار معنيٰ ظاهر ڪري ٿو.

تَڏِهَ مَنجها تَنِّ، اَوَتَڙ ڪونہ اولِئو. (گربخشاڻي،2009ع، ص 77)

هن سٽ ۾ لفظ ”اَوَتَڙِ“، ”اَو“ ناڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”تَڙِ“ (ڪناري، ڏانهن يا رخ) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”تَڙِ“ سان ”اَو“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ نفي جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”بيڪناري“ يا ”رخ کان سواءِ“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال به ثابت ڪري ٿو، ته شاهه لطيف ”اَو“ اڳياڙيءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ فني نموني ڪم آڻي، آزاد روپن مان نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس ٻوليءَ جي لغوي ذخيري ۾ اضافو ڪن ٿا.

**بي- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”بي“ هڪ پابند روپ آهي، جيڪو مفرد لفظ سان اڳياڙي طور شامل ٿي، ان جي بنيادي معنيٰ کي ناڪاري (انڪاري) روپ ۾ بدلائي ٿو.

هِڪو پُوُ بيراهَ جو، ٻِئو سانپارا سِيهُ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 242)

هن سٽ ۾ لفظ ”بيراهَ“، ”بي“ ناڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”راه“ (رستو) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”راه“ سان ”بي“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ نفي جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”بي رستو“ يا ”رستي کان سواءِ“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو ته شاهه لطيف ”بي“ اڳياڙيءَ (جيڪا فارسي ٻوليءَ مان سنڌيءَ ۾ آيل آهي) کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ فني مهارت سان ڪم آڻي، آزاد روپن مان نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس ٻوليءَ جي وسعت ۽ لغوي تنوع کي ظاهر ڪن ٿا.

**برِ- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”برِ“ هڪ پابند روپ آهي، جيڪو مفرد لفظ سان اڳياڙي طور شامل ٿي، هاڪار (اثبات) جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو.

برخيز بِده ساقِي، پيارِ کي پرِيَنِ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 114)

هن سٽ ۾ لفظ ”برخيز“، ”بر“ هاڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”خيز“ (اُٿ، اُڀار) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”خيز“ سان ”بر“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ ۾ هاڪاري (اثباتي) تاڪيدي مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”اُٿي کڙو ٿيءُ“ يا ”اُٿ“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ فارسي ٻوليءَ مان آيل ”بر“ اڳياڙيءَ کي به فني نموني ڪم آڻي، آزاد روپن سان جوڙي، نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس شاعريءَ ۾ لساني تنوع ۽ گهرائي پيدا ڪن ٿا.

**برَ- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”برَ“ هڪ پابند اڳياڙي آهي، جيڪا مفرد لفظ سان ڳنڍجي ناڪار (نفي) جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿي. اهو پابند روپ آهي، جنهن جي معنيٰ رڳو مفرد لفظ سان شامل ٿيڻ کان پوءِ ئي سمجهي سگهجي ٿي، پر اڪيلي حيثيت ۾ ان کي الڳ يا خودمختيار طور ڪم آڻي نه ٿو سگهجي.

ڪَرِڙا ڏُنگرَ، ڪَهَ گهٽِي، جِتِ برَپَٽَ، بَيرانُ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 380)

هن سٽ ۾ لفظ ”بَرَپَٽَ“، ”برَ“ ناڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”پَٽَ“ (زمين، ميدان) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”پَٽَ“ سان ”برَ“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ نفي جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”اڻ آباد پَٽَ“ يا ”ويران زمين“ جي معنيٰ اُڀري ٿي، جيڪا ساڳئي سٽ ۾ موجود لفظ ”بَيرانُ“ (ويران) سان به معنوي مطابقت رکي ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف ”برَ“ اڳياڙيءَ کي فني نموني ڪم آڻي، آزاد روپن مان نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس شاعريءَ ۾ منظرنگاري ۽ اظهار جي گهرائيءَ کي وڌائين ٿا.

**پَرَ- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”پَرَ“ هڪ پابند (باندي) روپ آهي، جيڪو مفرد لفظ سان اڳياڙي طور ملي، انڪاري (ناڪار) معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

ڪِه سَتاڻي سانگَ، پرِين پَرَڏيهي ڪِئا. (گربخشاڻي،2009ع، ص 210)

هن سٽ ۾ لفظ ”پَرَڏيهِي“، ”پَرَ“ ناڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”ڏيهِ“ (ملڪ، وطن) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”ڏيهِ“ سان ”پَرَ“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ نفي يا پرائپي جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”پرائي ڏيهه“ يا ”پنهنجي وطن کان الڳ ملڪ“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف ”پَرَ“ اڳياڙيءَ کي فني نموني ڪم آڻي، آزاد روپن مان نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس شاعريءَ ۾ وڇوڙي ۽ پرڏيهه جي درد کي اظهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

**ڏُ- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”ڏُ“ هڪ حرفي پابند روپ آهي، جيڪو بنيادي يا سادي لفظ جي اڳيان اڳياڙي طور ڪم اچي، ان مان اوڳڻ (خرابي، عيب) جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو.

ڏُکِيَ توءِ ڏُڪارُ، توڙي وَسَنِ مِيهَڙا، (گربخشاڻي،2009ع، ص 355)

هن سٽ ۾ لفظ ”ڏُڪارُ“، ”ڏُ“ پابند روپ ۽ آزاد روپ ”ڪارُ“ (ڪم، عمل يا حال) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”ڪارُ“ سان ”ڏُ“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ اوڳڻ يا خرابيءَ جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”بڪار“ يا ”سُڪار“ (سڪ، اڻاٺ) جي معنيٰ اُڀري ٿي، جيڪا خشڪ سالي يا اڻاٺ جي حالت کي ظاهر ڪري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه عبدلطيف ”ڏُ“ اڳياڙيءَ کي فني نموني ڪم آڻي، آزاد روپن مان نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن.

**سَ- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”سَ“ هڪ پابند اڳياڙي آهي، جيڪا مفرد لفظ جي اڳياڙي طور گڏجي استعمال ٿئي ٿي، جنهن جي معنيٰ هاڪار (اثبات) ۾ ظاهر ٿيندي آهي.

ويڙَ وَراڻي ناهِ ڪا، سُومَرو سَبَرُ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 540)

هن سٽ ۾ لفظ ”سَبَرُ“، ”سَ“ هاڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”بَرُ“ (زور، طاقت) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”بَرُ“ سان ”سَ“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ ۾ هاڪاري (اثباتي) تاڪيدي مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”مضبوط“، ”زبردست“ يا ”طاقتور“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف ”سَ“ اڳياڙيءَ کي فني نموني ڪم آڻي، آزاد روپن سان جوڙي، نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس شاعريءَ ۾ طاقت ۽ قوت جي حالتن کي اظهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

**سُ- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”سُ“ هڪ پابند روپ آهي، جيڪو مفرد يا سادي لفظ سان اڳياڙي طور ڳنڍجي، خوبيءَ (چڱائيءَ) جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو.

سباجهو سَتارُ، سُتَڙِ سَپيئِي ڪَري. (گربخشاڻي،2009ع، ص 181)

هن سٽ ۾ لفظ ”سُتَڙِ“، ”سُ“ خوبي-سچائي ڏيکاريندڙ پابند روپ ۽ آزاد روپ ”تَڙِ“ (ڪناري، سطح، حالت) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”تَڙِ“ سان ”سُ“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ ۾ چڱائي، سٺائي يا مڪمليءَ جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”سٺي حالت وارو“ يا ”سُٺو“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف ”سُ“ اڳياڙيءَ کي فني نموني ڪم آڻي، آزاد روپن سان جوڙي، نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس شاعريءَ ۾ خوبي، چڱائي ۽ سونهن جي حالتن کي اظهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

**ڪُ- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”ڪُ“ هڪ حرفي پابند اڳياڙي آهي، جيڪا سادي لفظ جي آزاد روپ سان ملي، اوڻڻ يا خاميءَ (نقص) جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿي، جنهن سان هڪ نئون انڪاري معنيٰ رکندڙ لفظ ٺهي ٿو.

اَچِي اَمَرَڪوٽَ ۾، ڪَنديَسِ ڪانَ ڪُرِيتِ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 535)

هن سٽ ۾ لفظ ”ڪُرِيتِ“، ”ڪُ“ اوڻڻ (خامي) ڏيکاريندڙ پابند روپ ۽ آزاد روپ ”رِيتِ“ (رسم، دستور، طريقو) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”رِيتِ“ سان ”ڪُ“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ خرابيءَ يا عيب جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”خراب رسم“ يا ”ناروا دستور“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف ”ڪُ“ اڳياڙيءَ کي فني نموني ڪم آڻي، آزاد روپن مان نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس شاعريءَ ۾ اوڻڻ ۽ خرابيءَ جي حالتن کي اظهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

**ڪم- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”ڪم“ هڪ پابند روپ آهي، جيڪو مفرد لفظ سان اڳياڙي طور ملي، ناڪار (گهٽتائيءَ) جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو.

ڪَمَتَرِ ڪا ڪاهِي، پَهُچي هِنَ پَنڌِيَ ڪِي. (گربخشاڻي،2009ع، ص 357)

هن سٽ ۾ لفظ ”ڪَمَتَرِ“، ”ڪم“ گهٽتائي ڏيکاريندڙ پابند روپ ۽ آزاد روپ ”تَرِ“ (فارسي لفظ، جنهن جي معنيٰ نم يا گهٽ آهي) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”تَرِ“ سان ”ڪم“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ گهٽتائي يا نقصان جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”گهٽ درجي“ يا ”ڪمتر“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف فارسي ٻوليءَ مان آيل ”ڪم“ اڳياڙيءَ کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ فني نموني ڪم آڻي، نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سنڌس شاعريءَ ۾ گهٽتائي ۽ ذلت جي حالتن کي اظهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

**لا- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”لا“ هڪ پابند اڳياڙي آهي، جيڪا مفرد لفظ جي اڳيان ڪم اچي، انڪار (نفي) جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿي.

صوُفِي لاڪُوفِي، ڪونَ پائِسِ ڪِيرُ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 116)

هن سٽ ۾ لفظ ”لاڪُوفِي“، ”لا“ ناڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”ڪُوفِي“ جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”ڪُوفِي“ سان ”لا“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ نفي جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، جيڪو ”صوفي“ لفظ سان ملي، ان جي ابتڙ يا اڻ-اهڙي حالت کي ظاهر ڪري ٿو.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف فارسي ٻوليءَ مان آيل ”لا“ اڳياڙيءَ کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ فني نموني ڪم آڻي، نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سندس شاعريءَ ۾ انڪار ۽ نفيءَ جي مفهوم کي اظهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

**ن- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”ن“ هڪ حرفي پابند روپ آهي، جيڪو آزاد لفظ جي اڳياڙي طور ڳنڍجي، ان مان انڪاري معنيٰ ڏيندڙ نئون لفظ ٺاهي ٿو.

قَمَرَ !ڪَهِجِ قَرِيبَ کي، نِستُ آئُون نِبَرُ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 160)

هن سٽ ۾ لفظ ”نِبَرُ“، ”نَ“ انڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”بَرُ“ (زور، طاقت) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي. هتي ”بَرُ“ سان ”ن“ اڳياڙي شامل ٿيڻ سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ۾ نفي جو مفهوم شامل ٿي وڃي ٿو، يعني ”بيزور“ يا ”ڪمزور“ جي معنيٰ اُڀري ٿي، جيڪا اڳ ذڪر ٿيل ”سَ“ اڳياڙي واري لفظ ”سَبَرُ“ (زوردار) جي بلڪل ابتڙ آهي.

ساڳئي طرح لفظ ”نِستُ“ پڻ ”ن“ پابند روپ ۽ آزاد روپ ”ستُ“ (سگهه، وس) جي ميلاپ سان ٺهيل آهي، جنهن مان ”بيسگهو“ يا ”وسڪار کان سواءِ“ جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف ”ن“ اڳياڙيءَ کي فني نموني ڪم آڻي، آزاد روپن مان نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سندس شاعريءَ ۾ ڪمزوري ۽ بيوسيءَ جي حالتن کي اظهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

**نا- اڳياڙيءَ وارا مرتب لفظ**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”نا“ مفرد ۽ مرتب، ٻنهي قسمن جي لفظن سان اڳياڙي طور لڳي ٿي. اهو پابند روپ آهي، جيڪو لفظ سان ڳنڍجي، ناڪاري (نفي) معنيٰ ظاهر ڪندڙ نئون لفظ ٺاهي ٿو.

بَلِڪِ آهِي بُودُ، ناڪَسِيَ، نابُودَ ۾. (گربخشاڻي،2009ع، ص 628)

هن سٽ ۾ به لفظ ”نا“ اڳياڙيءَ سان ٺهيل نظر اچن ٿا: پهريون لفظ ”ناڪَسِيَ“، ”نا“ ناڪاري پابند روپ ۽ آزاد روپ ”ڪَسِيَ“ (ڪسَ، ذات يا حيثيت) جي ميلاپ سان ٺهيل مرتب لفظ آهي، جنهن مان ”بيحيثيتي“ يا ”ڪسَ کان سواءِ هجڻ“ جي معنيٰ اُڀري ٿي. ٻيو لفظ ”نابُودَ“، ”نا“ پابند روپ ۽ آزاد روپ ”بُودَ“ (فارسي لفظ، معنيٰ هجڻ، وجود) جي ميلاپ سان ٺهيل آهي، جنهن مان ”بيوجود“ يا ”نيست“ (نه هجڻ) جي معنيٰ اُڀري ٿي.

هي مثال ظاهر ڪري ٿو، ته شاهه لطيف فارسي ٻوليءَ مان آيل ”نا“ اڳياڙيءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ گهڻي فني مهارت سان ڪم آڻي، نوان معنوي جزا رکندڙ مرتب لفظ ٺاهيا آهن، جيڪي سندس شاعريءَ ۾ فنا ۽ عدم جي فلسفياڻي مفهوم کي اظهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

**پڇاڙي جوڙ وارا مرتب لفظ**

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪ ڌاتو يا بنياد سان ڪيترن ئي پڇاڙي پابند روپن جو استعمال ٿيل آهي. شاهه لطيف پڇاڙي جوڙ طور لفظن سان مختلف پڇاڙيون ڪم آڻي، پنهنجي شاعريءَ اندر وسعت ۽ سونهن جهڙي خاصيت پيدا ڪئي آهي. شاهه لطيف وٽ لفظن جون پنهنجون بيهڪون ۽ سٽون ملن ٿيون، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽو آڳاٽو کان موجود هيون. اهڙي سٽاءَ، سهٽاٿپ توڙي بيهڪ، شاهه لطيف وٽ هڪ نرالي ۽ منفرد انداز ۾ نظر اچي ٿي. پڇاڙي پابند روپ اڪيلي سر ڪا معنيٰ ڏيندڙ حيثيت نه ٿو رکي، پر اهو هڪ مقرر ترتيب موجب مفرد لفظ جي پويان ڳنڍجي، پنهنجي معنوي حيثيت کي ظاهر ڪري ٿو.

| مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پڇاڙي) | مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پڇاڙي) |
|---|---|---|---|---|---|
| شِڪَستِي | شِڪَست (ٽوٽ/زيان) | اِي (واري) | هَلَٽَهارا | هَلَٽَ (اڳتي وڌڻ) | هارا (وارا) |
| وَچارَنِ | وَچ (ننڍو مادي ڦر | آرَ (وارو) | هيڪَلِيائِي | هيڪَلِ (اڪيلي) | يائِي (واري) |
| آسائِتِيوُن | آس (اميد) | آئِتِيوُن (واريون) | ڪوهيارَلَ | ڪوه (جبل) + يارَ (دوست) | لَ |
| ٿَرَنئون | ٿَرَ (ريگستان) | نئون (وارو) | اوراهُون | اور (ويجهو) | آهُون (آهي) |
| حَبِيباڻِي | حَبِيب (پيارو) | آڻِي (واري) | شُڪَرانو | شُڪَر (احسان) | آنو (وارو) |
| جانارَنِ | جان (روح/جيءُ) | آر (وارو) | اِشارَتوُن | اِشارَت | اُون (واريون) |
| ٻانڍِي | ٻانڍ (لڙهندڙ ٻند) | اِي (وارو) | اوراٿِيوُن | اور (وڏيڪ/ويجهو) | اٿِيوُن |
| ٻانڌِي | ٻانڌ (واٿهڙو) | اِي (وارو) | مائِٽِنِا | مائِٽَ (رشتيدار) | نِئا (ٻاران) |

| مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پچاڙي) | مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پچاڙي) |
|---|---|---|---|---|---|
| اُڏاٽو | اُڏاڻ (اُپر/جاڳ) | او (وارو) | اُٿِئاڪُ | اُٿِي (اٿڻ) | آڪُ (وارو) |
| سيباٽو | سيب (دل گھريو ميوو) | آٽو (وارو) | بيگارِياٽِي | بيگارِ | ياٽِي (واري) |
| اولِجان | اولِج (پٽڪڻ) | آن (وارو) | ڪاھوڙِيَنِ | ڪاھوڙِ (عابد/متقي) | ايَنِ (واري) |
| ڪٿُورِئا | ڪٿُورِ (سرھاڻ) | ئا (وارو) | اولاڪَنِ | اول (پھريان) | آڪَنِ (نشان) |
| مَلَڪَنِئا | مَلَڪَ (ديس/وطن) | نئا (وارو) | مارو | مار | او (وارو) |
| ڏِيھاٽِئو | ڏِيھ (ملڪ/وطن) | آٽِئو (واري) | پَراھِيون | پَر (پري) | اھِيون (واريون) |
| ٻُڏَندَنِ | ٻُڏ (زير آب) | آندَنِ (وارن) | چاچِيَڙَنِ | چاچِي (چچ وارا) | ڙَنِ (وارا) |
| ماٿِيَڙَنِ | ماٿِ (مائٽ/ساٿي) | ايڙَنِ (وارن) | واچَٿِ | واچ (وڏو آواز) | اَٿِ (وارو) |
| رَڪجِ | رَڪ (روڪ/پناھ) | جِ (تون) | لِياڪو | لِيه (ليئو پائڻ) | آڪو (اڻ پڪل) |
| ڏراڙَنئون | ڏراڙَ (ڏڻ) | نِئُون (وارو) | پَھاڪو | پَھ (خيال ڪرڻ) | آڪو (اڻ پڪل) |
| ٻيلِيَپو | ٻيلِي (نوڪر/بندي) | پو (ڪم) | پلاٽِئو | پلاڻ | ئو (وارو) |
| پارِيچِيَ | پار (طرف/حمايت) | ايچِيَ (وارو) | مُدائِتِي | مُد (مند) | آئِتِي (واري) |
| پُڄاٽِي | پُڄ (انت/خاتم) | آٽِي (واري) | ٻَھِيرَ | ٻَھِ (لشڪر/قافلو) | يرَ (يار) |
| رَڱيندا | رَڱ (چِٽُ/نقش) | ايندا (ڪنڌڙ) | ڏوراپو | ڏور (واسطو/تعلق) | آپو |
| ظَلَمِتَ | ظَلَم (ڏاڍ/قھر) | اَت (گھٽو) | سانباھِي | سانباھ (تياري) | اِي (وارو) |
| وڪاٽي | وڪ (ڦڏ/چيڙ) | آٽي (واري) | نَنگرَئُون | نَنگرَ (بستي/راڄڌاني) | ئُون (وارو) |
| گھورِندڙ | گھورِ (قربان) | اندڙ (ڪنڌڙ) | وارِيين | وارِ (دفعو/پيرو) | اين |
| واڪاٽِيِنَئي | واڪاڻ (نروار) | اِينَئي (واري) | ڪالھانڪون | ڪالھ (گذريل ڏينھن) | آنڪون (ڪان) |
| ٿُبڪڙا | ٿُبڪ (ٿبٽو) | ڙا (وارا) | پيراتي | پير (قدم) | آتي |
| ڏُکَندو | ڏُک (تڪليف) | اَندو (پريو) | ڪڙائي | ڪڙ (ڪوڙاڻ) | آئي (واري) |
| سَنگھارَ | سَنگھ (طاقت) | آرَ (وارو) | سرندياءِ | سرندي (پچندي وارو) | آءِ |
| چانگارَ | چانگ (لات/خيال) | آرَ (وارو) | ڏئاري | ڏي (صاف ڪرڻ) | آري (واري) |
| ويرِي | وير (دشمن) | اِي (وارو) | گاڏُئون | گاڏَ (گڏيل/گاڏڙ) | ئُون (وارو) |
| اوٿارَ | اُٿ (اُٿ) | آرَ (وارو) | اَڇوڪِي | اَڇ (ھلندڙ ڏينھن) | اوڪِي (واري) |
| گِرِفتارُ | گِرِفت (پڪڙ) | آرُ (وارو) | سَٿاٽِي | سَٿ | آٽِي |
| مَنَٿارُ | مَنَ (اندر/دل) | ٿارُ (ٿاپر) | ڍولِئو | ڍولِ (سڄڻ/محبوب) | ئو (وارو) |
| پينارَ | پين (حوض) | آرَ (وارو) | وِئَڙو | وِئَ (ويو) | ڙو (وارو) |
| چِندڙِي | چِندَ (بدن/ساھ) | ڙِي (واري) | ڏاڙيچَنِ | ڏاڙِي (ڦر/لٽ) | چَنِ (وارا) |
| لالڻ | لال (گاڙھو پٿر) | ڻ (وارو) | ٿاٿارو | ٿاٿ (ٿڪر جو ٿانو) | آرو (وارو) |
| ڦَلَڙِيُون | ڦَلَ (گل) | ڙِيُون (واريون) | آسائِتِي | آس (اميد) | ائِتِي (واري) |
| ڪَنپاتِڙي | ڪَنپاتِ (سوجھرو) | ڙِي (وارو) | مارِيندو | مار (سزا/ڪٽ) | ايندو (وارو) |
| جھاتَڙِيُون | جھاتَ (ڳولا) | ڙِيُون (واريون) | وِھائِيو | وِھاءِ (گذار) | اِيو (وارو) |
| نِيھَڙو | نِيھَ (تند/چاھ) | ڙو (وارو) | فَقِيراٽِي | فَقِير (الله وارو) | آٽِي (واري) |
| پانڌِيَڙا | پانڌِيَ (قاصد/واٿ) | ڙا (وارو) | پُوڄارا | پُوڄ (عبادت) | آرا |

| مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پچاڙي) | مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پچاڙي) |
|---|---|---|---|---|---|
| ڏُڪائِيندِي | ڏُڪ (سور/ڏڪ) | ائيندِي (ڏيندڙ) | پُوڄِئَا | پُوڄ (عبادت) | ئَا (وارا) |
| ڏُونهَڙا | ڏُونهَ (رائو) | ڙا (وارو) | ڪَرَهَلَ | ڪَرَ | هَلَ |
| ڪُونجَڙِي | ڪُونجَ (پکي) | ڙِي (واري) | اُجارِيائُوُن | اُجارِي (صاف ڪري) | آئُوُن (واريون) |
| سِڪئو | سِڪ (آرام/آسائش) | ئو (وارو) | اولِيُون | اولِ (پهريان) | يُون (واريون) |
| چاڙهئو | چاڙه (وڏاءُ) | ئو (وارو) | ڏَنارِيائُون | ڏَنارِي (صاف ڪري) | آئُون (واريون) |
| ڏِيهاٽِي | ڏِيه (ديس) | آٽِي (واري) | ويسَرِي | ويسَ (وسارڻ) | اَرِي (واري) |
| پَچائِي | پَچ (رڏڻ) | آئِي (واري) | پُورُلَ | پُورُ (خوبروپ) | لَ (وارو) |
| رساٽِئو | رس (عرق/شربت) | آٽِئو (وارو) | سُٽِيندو | سُٽ (پڏ) | اِيندو (وارو) |
| پُوڄئو | پُوڄ (گهٽو/ججهو) | ئو (وارو) | اَدوُرائوُن | اَدوُر (نپاڳو) | آئوُن (وارو) |
| پُوڄِيِين | پُوڄ (عزت/بندگي) | اِين (وارو) | پاٽِئِي | پاٽِ (پٽڻ پار ڪرائيندڙ) | اِي (وارو) |
| لَنگهندِي | لَنگهه (گس/واٽ) | ندِي (وارو) | ڪيڙائُو | ڪيڙ (پنيءَ جو هر) | آئُو (وارو) |
| باسِئو | باسِ (بوءِ/ڏپر) | ئو (وارو) | سائُو | ساءُ (سواد) | او (وارو) |
| قَرِيباٽِي | قَرِيب (ويجهو) | آٽِي (واري) | ڏِيارِي | ڏِي (روشني/حشمت) | آرِي (واري) |
| سڪندي | سڪ (آس/پريت) | ندي (واري) | ڪارابِي | ڪاراب | اي |
| ٻيلِياٽِي | ٻيلِي (رفيق) | آٽِي (واري) | نِسورِيائِيَّ | نِسورِ (بلڪل/خالص) | يائِيَّ (واري) |
| مُقامِياٽِي | مُقامِ (آستان/گهر) | ياٽِي (واري) | رُڳِيائِي | رُڳِ (رڳو/صرف) | يائِي (واري) |
| دوسِتاٽَون | دوسِت (ساٿي) | آٽَون (جو) | پَرُوڙِي | پَرُوڙ (ڄاڻ/سمجهه) | اِي (واري) |
| ڏِيدارُ | ڏِيد (نظر/نگاهه) | آرُ (وارو) | چَڙَهندِي | چَڙَهه (مٿي چڙهڻ) | اندِي (ايندي) |
| رِيساٽو | رِيس (ساڙ/حسد) | آٽو (وارو) | وِڙِهئا | وِڙِهه (لڙڻ/جهيڙو) | ئا (وارا) |
| رَنجوُرِي | رَنج (درد/افسوس) | اُورِي (واري) | وِيراڳِٽِ | وِيراڳِ (ترڪ دنيا) | اٽِ (واري) |
| مامُورِي | مامُ (ڳجهو/رمز) | اورِي (واري) | ڄِيرَيائِي | ڄِيرَ | يائِي |
| پاٽِيَٽُ | پاٽِي (نِير/آبُ) | ٽُ (وارو) | سامائِي | سام (پناهه لاءِ چڏيل) | آئِي (واري) |
| هلاچو | هُل (گوڙ/صدا) | آچو (وارو) | ڳَڏٻُءِ | ڳَڏ (شامل) | اِٻُءِ (هجڻ) |
| پانچارِئَنِ | پانچ (ملائڻ/جوڙ) | آرِئَنِ (واري) | اَڳِرو | اَڳ (پهريان) | ارو (وارو) |
| واڍوڙِئَنِ | واڍو (ڪاريگر) | ڙِئَنِ (وارن) | وَڍِيَ | وَڍِ (ڪٽ) | اِيَ (واري) |
| مِيراٿِي | مِير (راڳ/ڳاء) | آٿِي (وارو) | واڍوڙِئا | واڍوڙِ (وڍڻ وارو) | ئا (وارا) |
| مَگَٽو | مَگَ (گهرُ/عرض) | ٽو (وارو) | وَڍِيَلِ | وَڍِ (ڪٽ) | اِيَلِ (وارو) |
| ڪلاڙَڪِي | ڪلاڙ (شراب/آب) | ڪِي (وارا) | ٻاروچاٽَون | ٻاروچ (ٻروچ قبيلي وارو) | آٽَون (وارو) |
| واڍوڙَڪِيَ | واڍوڙ (زخم/وڍ) | ڪِيَ (وارو) | هِيرَئُوُن | هِيرَ (هيرا) | آئُوُن (وارو) |
| وَڍِندَڙ | وَڍِ (ڦاڙ/جهير) | ندَڙ (وارو) | ڏُورِي | ڏُور (تلاش/ڳولها) | اِي (واري) |
| واٿِندَڙ | واٿِ (دگ/رستو) | ندَڙ (وارو) | هيڪائِي | هيڪ (هڪڙو) | آئِي (آهي) |
| ٻاجهِندَڙ | ٻاجهِ (رحم) | ندَڙ (وارو) | هيڪَڙائِيَ | هيڪَڙ (هڪڙو) | آئِيَ (آهي) |
| ساڳاپِي | ساڳ (مائٽ/نسبت) | آپِي (وارو) | منجهائِي | منجه (اندر/وچ) | آئِي (آهي) |
| واجهائِي | واجه (ڏسُ/نهار) | آئِي (وارو) | چَڳائِي | چَڳ (پلو) | آئِي (واري) |

| مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پچاڙي) | مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پچاڙي) |
|---|---|---|---|---|---|
| آچارا | آچ (سڏڻ/باسڻ) | آرا (وارو) | همراهِي | هم (ساڳيو) + راه (رستو) | اِي (واري) |
| اوپارا | اُپ (آسمان/اُچو) | آرا (وارو) | هيراڪ | هير (عادت) | آڪ (واري) |
| واهُڙَ | واه (دڳ/رستو) | اُڙَ (وارو) | حُسناڪُ | حُسن (خوبروپي) | آڪُ (واري) |
| چڪنديُون | چڪ | اَنديُون | هوڙاڪ | هوڙ (ننڍي پيڙي) | آڪَ (واري) |
| ڏيراٽيُون | ڏير (زال جي مڙس جو ڀاءُ) | آٽيُون (واريون) | هَيبَتناڪ | هَيبَت (دهشت) | ناڪ (واري) |
| پياڪَ | پي (پيئڻ) | آڪَ (وارو) | لاڳيدارَ | لاڳ (محصول/ڍل) | ايدارَ (وٺندڙ) |
| ڪاٽيارِن | ڪاٽي (ضرورتمند) | آرِن (وارو) | هُشيارِ | هُشي (مدد/چرچ) | آرِ (واري) |
| ويساندِ | ويس (لباس/آرام) | آندِ (وارو) | خَبَردار | خَبَرِ (چاڙ) | دار (ڏيندڙ) |
| چاندوُٽيَ | چاند (چنڊ) | اوُٽيَ (واري) | نِڪٽي | نِڪ (اڪيلي) | ٽي (واري) |
| ناناٽِيا | نانانِ (ماءُ جا مائٽ) | ٽا (وارا) | دِلدارَ | دِل (قلب) | دارَ (رکندڙ) |
| نِمرُودِي | نِمرُود | اِي (واري) | هارِئو | هارِ (شڪست) | ئو (وارو) |
| وِهاٽِي | وِه (زهر) | آٽِي (واري) | ڏيريدارَ | ڏيري (ديري وارو) | دارَ (رکندڙ) |
| رِهاٽِي | رِه (پيرو/مرتبو) | آٽِي (واري) | طَمعَدارِ | طَمعَ (لالچ) | دارِ (رکندڙ) |
| سِجهائِي | سِجه | آئِي | سِلَحِدارَ | سِلَح (اوزار/هٿيار) | دارَ (رکندڙ) |
| سَمُجِهئو | سَمُجِه (چاڙ/پروڙ) | ئو (وارو) | سَردار | سَر (مٿو/سر) | دار (رکندڙ/اڳواڻ) |
| بَنديِاٽِي | بَندِ (قيد) | ياٽِي (واري) | ڪَنيزَڪَ | ڪَنيز (نوڪرياڻي) | اَڪَ (واري) |
| آرِياٽِي | آرِي (آري ذات) | آٽِي (واري) | ٻانهِي | ٻانه (ٻانهن) | اِي (واري) |
| بَلوچاٽِي | بَلوچ | آٽِي (واري) | ٻانهوٽِي | ٻانه (ٻانهن) | اوٽِي (واري) |
| وَڙائِتِي | وَڙ (ڳڻ) | آئِتي (وارو) | سانپيٽِي | سانپ (سنپال) | آيٽِي (واري) |
| اَڪِنئون | اَڪِ (نيڻ) | آنئون (ڪان/سان) | نيروٽِي | نير (رنگ جو قسم) | اوٽِي (وارو) |
| پَراهوُن | پَر (پري) | آهوُن (وارو) | ڪوٽيندي | ڪوٽ (سڌ/چاڙ) | اِيندي (اچڻ مهل) |
| پاروچاٽِيَ | پاروچ | آٽِيَ (واري) | واجهائيندي | واجهاءِ (ڏس) | ايندِي (اچڻ مهل) |
| وِٽِڪارَ | وِٽِ (درخت) | ڪارَ (وارو) | سارِيندي | سار (ياد ڪندي) | ايندِي (اچڻ مهل) |
| جوراٽوُن | جور (زور/طاقتور) | آٽوُن (وارو) | جهاڳِيندي | جهاڳ (پاٽيءَ جو پنڌ) | ايندِي (اچڻ مهل) |
| سَتاٽوُن | سَت (ڏکيو) | آٽُون (وارو) | پُوريندي | پُور (لٽڻ) | ايندِي (اچڻ مهل) |
| وَهيٽا | وَهِ | يٽا | نَوازِيندو | نَواز (مهرباني) | اِيندو (اچڻ مهل) |
| ڪوهيار | ڪوهِ (جبل) | يارُ (دوست) | پَلاٽيندي | پَلاڻ (مسافريءَ جي تياري) | ايندِي (اچڻ مهل) |
| اَڳاهين | اَڳ (پهريان) | اهين (وارو) | لَڙائُو | لَڙ (لاڙو/جهڪاءُ) | ئُو (وارو) |
| پاروچو | پاروچ | او (وارو) | چُونڊِيندِي | چُونڊ (ڳولهڻ) | اِيندِي (اچڻ واري) |
| قاصِيداٽِي | قاصِيد (نياپو کڻي ويندڙ) | آٽِي (واري) | سَتِيندِي | سَٽ (ڪٽڻ/سزا) | اِيندِي (وارو) |
| هَلندِي | هَل (هلڻ) | ندِي (روانگي) | ڳولاڙَن | ڳول (چوڌاري) | اڙَنِ (وارو) |
| سَڌائِتِي | سَڌ (خواهش/تمنا) | آئِتي (واري) | جَهپِي | جَهپ (پڪڙڻ) | اي (واري) |

| مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پڇاڙي) | مرتب لفظ | آزاد جزو (بنياد) | پابند جزو (پڇاڙي) |
|---|---|---|---|---|---|
| وَرِيتِيوُن | وَر (مڙس) | ايتِيوُن (واريون) | جَهتِينِدِي | جَهٽ (پڪڙڻ/جلدي) | اِينِدِي (وارو) |
| وَرَرِي | وَرَ (مڙس) | رِي (ڪانسواءِ) | پَهَڪار | پَهَڪ (صلاح ڏيڻ) | آر (وارو) |
| ڪاچوٽِي | ڪاچ (ماپ) | اوٽِي (پرت جو قسم) | سرسو | سرس (وڌيڪ) | او (وارو) |
| جوڳِياٽِي | جوڳِ (جوڳي فقيرن جو زهد) | ياٽِي (واري) | ڪُوڪارَ | ڪُوڪ (آواز) | آرَ (وارو) |
| فَقِيرِيَ | فَقِير (الله وارو) | اِيَ (وارو) | وِنجهارَ | وِنجه (داناءُ) | آرَ (وارو) |
| ڏُوراٽا | ڏُور (پري) | آٽا (وارا) | پاٽيث | پاٽي (جل) | ث (واري) |
| جاڳِيرُ | جاڳ (اوجاڳو/سجاڳي) | اِيرُ (وارو) | تَڪِيائون | تَڪِ (ڏسڻ) | يائون (وارو) |
| ضَعِيفِيَ | ضَعِيف (ڪمزور) | اِيَ (واري) | بازندن | بازِ (راند/پڪي) | ندن (وارو) |
| مِيڙائو | مِيڙاء (گڏجڻ) | او (وارو) | لانگوٽِي | لانگ (چادر ڪپڙو) | اوٽِي (واري) |
| ٿَڪِيائِي | ٿَڪِ (ٿڪاوٽ) | يائِي (واري) | ڏکوئي | ڏک (غم) | اوئي (وارو) |
| ڇُڪِيائِي | ڇُڪِ | يائِي (واري) | | | |

انهن سڀني مٿي ڏنل مثالن ۾ هڪ ئي بنيادي ۽ آفاقي اصول ڪم ڪري رهيو آهي: هر مرتب لفظ جو پهريون يا اڳياڙي وارو جزو هميشه هڪ آزاد روپ هوندو آهي، يعني اهو اهڙو لفظ آهي، جيڪو پنهنجي مستقل ۽ مڪمل معنيٰ رکي ٿو، ۽ ٻوليءَ ۾ اڪيلي سر، ڪنهن ٻئي جزي جي مدد کان سواءِ، پنهنجي مطلب کي پوريءَ طرح ظاهر ڪري سگهي ٿو. ان جي ابتڙ، پڇاڙي وارو جزو هڪ پابند روپ آهي، جيڪو پاڻ ۾ اڪيلو ڪا به معنوي حيثيت نه ٿو رکي، نه ئي اهو ٻوليءَ ۾ آزاد طور استعمال ٿي سگهي ٿو. اهو تڏهن ئي پنهنجو معنوي وجود ظاهر ڪري ٿو، جڏهن اهو ڪنهن آزاد لفظ سان ملي، ان جي بنيادي معنيٰ کي نئون رنگ، نئون روپ يا نئون نحوي ڪردار عطا ڪري ٿو.

اهو ئي سبب آهي، جو شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾، مختلف قسمن جون سيڪڙين پابند پڇاڙيون نهايت مهارت ۽ فني ذوق سان ڪم آڻي، سنڌي ٻوليءَ جي لغوي ذخيري ۾ نمايان واڌارو آندو آهي، ۽ گڏوگڏ ان جي صرفي جوڙجڪ کي به وسعت ۽ گهرائي بخشي آهي. سنڌس شاعريءَ ۾ موجود اهي لاتعداد مثال، ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهن، ته شاهه لطيف صرف هڪ شاعر نه، پر هڪ اهڙو لسانياتي فنڪار به هو، جنهن ٻوليءَ جي اندرين جوڙجڪ کي پوريءَ طرح سمجهي، ان مان نوان نوان معنوي جزا تخليق ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي دامن کي ڦهلايو آهي.

**اڳياڙي ۽ پڇاڙي، جوڙ سان ٺهيل مرتب لفظ**

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اهڙا لفظ به گهڻي انداز ۾ ملن ٿا، جن ۾ هڪ ئي آزاد روپ سان گڏ ٻه پابند روپ شامل ڪيا ويا آهن، هڪ اڳياڙي طور ۽ ٻيو پڇاڙي طور. اهڙي جوڙجڪ ۾ لفظ جو بنيادي ڌاتو (يا آزاد جزو) وچ ۾ رهي ٿو، جنهن جي اڳيان هڪ پابند روپ اڳياڙي طور، ۽ پويان ٻيو پابند روپ پڇاڙي طور ملايو وڃي ٿو. اهڙي ريت ٻنهي پابند روپن جي هڪ گڏيل ميلاپ سان، مرتب لفظ جي جوڙجڪ مڪمل ٿئي ٿي.

سي ڏَڙَ ٻَسِي سَڌُ، ڪِهٕ اَڀاڳِيَ نہ ٿِيِي. (گربخشاڻي،2009ع، ص 78)

هن سٽ ۾ لفظ ”اَڀاڳِيَ“ اهڙي جوڙجڪ جو مثال آهي، جنهن ۾ هڪ آزاد روپ سان گڏ ٻه پابند روپ (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) شامل ڪيا ويا آهن:

- اَ = ناڪاري پابند اڳياڙي (نفي جي معنيٰ ڏيندڙ)
- **ڀاڳ** = نصيب/قسمت (آزاد روپ، بنيادي ڌاتو)
- اِيَ = پابند پڇاڙي (واري/وارو)

هتي بنيادي لفظ ”ڀاڳ“ جي اڳيان ”اَ“ اڳياڙي ملائي، ان جي معنيٰ ۾ نفي جو مفهوم شامل ڪيو ويو آهي، ۽ گڏوگڏ پويان ”اِيَ“ پڇاڙي ملائي، لفظ کي هڪ صفتي (adjective) روپ ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ٻنهي پابند روپن جي گڏيل استعمال سان، لفظ جي بنيادي معنيٰ ”بي‌نصيب“ يا ”بدنصيب“ (يعني جنهن جو ڀاڳ ساٿس نه هجي) ظاهر ٿئي ٿي.

هي مثال ثابت ڪري ٿو، ته شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ نهايت مهارت سان، هڪ ئي آزاد روپ سان ٻه مختلف پابند روپ (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) ملائي، لفظ جي معنيٰ کي وڌيڪ گهرو ۽ جامع بڻايو آهي، جيڪو سنڌس صرفياتي فن جي پيچيدگيءَ ۽ گهرائيءَ کي ظاهر ڪري ٿو.

اَڪَرَ پَڙهِي اَياڳِنا !قاضِي ٿه ڪِٺاء؟ (گربخشاڻي،2009ع، ص 117)

هن سٽ ۾ لفظ ”اَياڳِنا“ پڻ اڳياڙي ۽ پڇاڙي، ٻنهي پابند روپن سان ٺهيل مرتب لفظ آهي:

- اَ = ناڪاري پابند اڳياڙي (نفي جي معنيٰ ڏيندڙ)
- **ڀاڳ** = نصيب/قسمت (آزاد روپ، بنيادي ڌاتو)
- **نا** = پابند پڇاڙي (وارا/وارو، مخاطب صيغي طور)

هتي بنيادي لفظ ”ڀاڳ“ جي اڳيان ”اَ“ اڳياڙي ملائي، ان جي معنيٰ ۾ نفي جو مفهوم شامل ڪيو ويو آهي، ۽ پويان ”نا“ پڇاڙي ملائي، لفظ کي مخاطب (ياءِ ندا سان گڏ) صورت ڏني وئي آهي. اهڙيءَ ريت لفظ جي مجموعي معنيٰ ”اي بدنصيب/بدبخت شخص!“ اُڀري ٿي، جيڪا هن سٽ ۾ طنزيه انداز ۾ ڪم آندي وئي آهي — يعني اهڙو ماڻهو، جيڪو علم پڙهي وٺڻ باوجود، اصل مقصد (خدا شناسي) کان غافل رهيو. هي مثال ان ڳالهه کي وڌيڪ پختو ڪري ٿو، ته شاهه لطيف ساڳئي بنيادي لفظ ”ڀاڳ“ کي مختلف پڇاڙين (اِيَ، نا) سان ملائي، مختلف موقعن ۽ صيغن (واحد/جمع، غائب/حاضر) مطابق نوان معنوي روپ تخليق ڪيا آهن، جيڪو سندس شاعريءَ جي صرفياتي لچڪ ۽ فني مهارت جو مظهر آهي.

مُحِبُّ مَنجهين مَنَ ماهِ، مُون اَڄاڻندِيَ اُڃهئو. (گربخشاڻي،2009ع، ص 118)

هن سٽ ۾ لفظ ”اَڄاڻندِيَ“ اهڙي جوڙجڪ جو مثال آهي، جنهن ۾ هڪ آزاد ڌاتوءَ سان گڏ ٻه پابند روپ (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) شامل ڪيا ويا آهن:

- اَ =ناڪاري پابند اڳياڙي (نفي جي معنيٰ ڏيندڙ)
- **ڄاڻ** =علم/سُڌ/پرروڙ (آزاد روپ، بنيادي ڌاتو)
- **ندِيَ** =پابند پڇاڙي (ڪندي/حالت ظاهر ڪندڙ)

هتي بنيادي ڌاتو ”ڄاڻ“ جي اڳيان ”اَ“ اڳياڙي ملائي، ان جي معنيٰ ۾ نفي جو مفهوم شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پويان ”ندِيَ“ پڇاڙي ملائي، لفظ کي هڪ حالتيه روپ ڏنو ويو آهي، جيڪو ڪنهن عمل جي جاري رهڻ واري ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت لفظ جي مجموعي معنيٰ ”بيخبريءَ جي حالت ۾“ يا ”اڻڄاڻائيءَ سان“ اُڀري ٿي يعني محبوب، دل جي اندر موجود هجڻ باوجود، عاشق ان کان بيخبر رهيو.

هي مثال به اهو ثابت ڪري ٿو، ته شاهه لطيف هڪ ئي بنيادي ڌاتوءَ سان به مختلف پابند روپ (اڳياڙي ”اَ“ ۽ پڇاڙي ”ندِيَ“) ملائي، لفظ جي اندر معنوي پيچيدگي ۽ حالتيه گهرائي پيدا ڪري، سندس صرفياتي فن جي وسعت کي وڌيڪ نمايان ڪيو آهي.

مَان اَچهُون ڪاءِ، سُواڏائِي سَڄَڻين. (گربخشاڻي،2009ع، ص 163)

هن سٽ ۾ لفظ ”سُواڏائِي“ اهڙي جوڙجڪ جو مثال آهي، جنهن ۾ هڪ آزاد ڌاتوءَ سان گڏ ٻه پابند روپ (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) شامل ڪيا ويا آهن:

- **سُ** =هاڪاري پابند اڳياڙي (خوبي/چڱائيءَ جي معنيٰ ڏيندڙ)
- **واڌ** =وڌاءُ/واڌارو (آزاد روپ، بنيادي ڌاتو)
- **آئِي** =پابند پڇاڙي (واري/وارو)

هتي بنيادي ڌاتو ”واڌ“ جي اڳيان ”سُ“ اڳياڙي ملائي، ان جي معنيٰ ۾ چڱائي يا خوبيءَ جو مفهوم شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پويان ”آئِي“ پڇاڙي ملائي، لفظ کي هڪ نالي جي حيثيت ڏني وئي آهي. اهڙيءَ ريت لفظ جي مجموعي معنيٰ ”سُٺي واڌاري واري (خبر)“ يا ”مبارڪباد“ اُڀري ٿي، جيڪا محبوب جي اچڻ جي خوشخبريءَ کي ظاهر ڪري ٿي.

هي مثال به ان ڳالهه کي پختو ڪري ٿو، ته شاهه لطيف هڪ ئي بنيادي ڌاتوءَ سان به مختلف پابند روپ (اڳياڙي ”سُ“ ۽ پڇاڙي ”آئِي“) ملائي، لفظ جي اندر نئون معنوي ۽ اسمي روپ پيدا ڪري، سندس شاعريءَ ۾ خوشيءَ ۽ سرهاڻ جي جذبن کي اظهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

ڪُبيلياڻِي !ڪِيجَ ڏِي، حُجَ مَ هَلائِيجِ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 296)

هن سٽ ۾ لفظ ”ڪُبيلياڻِي“ اهڙي جوڙجڪ جو مثال آهي، جنهن ۾ هڪ آزاد ڌاتوءَ سان گڏ ٻه پابند روپ (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) شامل ڪيا ويا آهن:

- **ڪُ** =اوڳڻ/خاميءَ جي معنيٰ ڏيندڙ پابند اڳياڙي
- **ٻيلِي** =رفيق/ساٿياڻي/نوڪرياڻي (آزاد روپ، بنيادي ڌاتو)
- **اڻِي** =پابند پڇاڙي (واري)

هتي بنيادي ڌاتو ”ٻيلي“ جي اڳيان ”ڪُ“ اڳياڙي ملائي، ان جي معنيٰ ۾ اوڳڻ يا خرابيءَ جو مفهوم شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پويان ”اڻِي“ پڇاڙي ملائي، لفظ کي هڪ نسائي (feminine) نالي جي حيثيت ڏني وئي آهي. اهڙيءَ ريت لفظ جي مجموعي معنيٰ ”بڇڙي/خراب رفيقياڻي“ يا ”بيوفا ساٿياڻي“ اُڀري ٿي، جنهن ۾ محبوبا کي طنزيه انداز ۾ مخاطب ڪيو ويو آهي.

هي مثال به ان ڳالهه کي پختو ڪري ٿو، ته شاهه لطيف هڪ ئي بنيادي ذاتوءَ سان به مختلف پابند روپ (اڳياڙي ''ڪُ'' ۽ پڇاڙي ''آٽِي'') ملائي، لفظ ۾ معنوي فرق ۽ جذباتي شدت پيدا ڪري، سندس شاعريءَ ۾ ملامت ۽ طنز جي اظهار کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو آهي.

<u>ڪُذاتُورو</u> ڪَرَهو، لِڪِئو لاٽِي ڪاءِ، (گربخشاڻي،2009ع؛ ص 162)

هن سٽ ۾ لفظ ''ڪُذاتُورو'' اهڙي جوڙجڪ جو مثال آهي، جنهن ۾ هڪ آزاد ذاتوءَ سان گڏ به پابند روپ (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) شامل ڪيا ويا آهن:

- **ڪُ** =اوڳڻ/خاميءَ جي معنيٰ ڏيندڙ پابند اڳياڙي
- **ذاتُ** =طبيعت/سُڀاءُ/مزاج (آزاد روپ، بنيادي ذاتو)
- **اورو** =پابند پڇاڙي (وارو)

هتي بنيادي ذاتو ''ذاتُ'' جي اڳيان ''ڪُ'' اڳياڙي ملائي، ان جي معنيٰ ۾ اوڳڻ يا خرابيءَ جو مفهوم شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پويان ''اورو'' پڇاڙي ملائي، لفظ کي هڪ صفتي (adjective) روپ ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ ريت لفظ جي مجموعي معنيٰ ''بُري طبيعت وارو'' يا ''بدمزاج'' اُڀري ٿي، جيڪا هن سٽ ۾ ڪَرَهي (اُٺ) جي بدمزاجيءَ کي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ٿي آهي.

هي مثال پڻ ثابت ڪري ٿو، ته شاهه لطيف هڪ ئي بنيادي ذاتوءَ سان به مختلف پابند روپ (اڳياڙي ''ڪُ'' ۽ پڇاڙي ''اورو'') ملائي، لفظ ۾ صفتي معنيٰ پيدا ڪري، سندس شاعريءَ ۾ طبيعت ۽ مزاج جي اظهار کي وڌيڪ اثرائتو ۽ گهرو بڻايو آهي.

مُون <u>سَڀاڳِيَ</u> ساڻُ، ڪيرَ چُلَندِي چِڀَرِن؟ (گربخشاڻي،2009ع؛ ص 300)

هن سٽ ۾ لفظ ''سَڀاڳِيَ'' اهڙي جوڙجڪ جو مثال آهي، جنهن ۾ هڪ آزاد ذاتوءَ سان گڏ به پابند روپ (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) شامل ڪيا ويا آهن:

- **سَ** =هاڪاري پابند اڳياڙي (خوبي/چڱائيءَ جي معنيٰ ڏيندڙ)
- **ڀاڳ** =نصيب/قسمت (آزاد روپ، بنيادي ذاتو)
- **اِيَ** =پابند پڇاڙي (واري)

هتي بنيادي ذاتو ''ڀاڳ'' جي اڳيان ''سَ'' اڳياڙي ملائي، ان جي معنيٰ ۾ هاڪار يا چڱائيءَ جو مفهوم شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پويان ''اِيَ'' پڇاڙي ملائي، لفظ کي هڪ نسائي (feminine) صفتي روپ ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ ريت لفظ جي مجموعي معنيٰ ''سٺي نصيب واري'' يا ''خوش نصيب (عورت)'' اُڀري ٿي، جيڪا اڳ ذڪر ٿيل لفظ ''اَڀاڳِيَ'' (بدنصيب) جي بلڪل ابتڙ آهي.

هي مثال هڪ دلچسپ لسانياتي مثال پيش ڪري ٿو، جتي ساڳئي بنيادي ذاتوءَ ''ڀاڳ'' سان مختلف اڳياڙيون (''اَ'' يعني نفي، ۽ ''سَ'' يعني هاڪار) ملائي، شاهه لطيف بلڪل مخالف معنائون پيدا ڪيون آهن، جيڪو سندس صرفياتي فن جي گهرائي ۽ لفظن جي معنوي مقابلي پيدا ڪرڻ جي مهارت کي واضح طور ظاهر ڪري ٿو.

سِڙَه <u>سُچاٽئو</u> چوءِ، ماءِ !سامُنڊِي آئِيا، (گربخشاڻي،2009ع؛ ص 213)

هن سٽ ۾ لفظ ''سُچاٽئو'' اهڙي جوڙجڪ جو مثال آهي، جنهن ۾ هڪ آزاد ذاتوءَ سان گڏ به پابند روپ (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) شامل ڪيا ويا آهن:

- **سُ** =هاڪاري پابند اڳياڙي (خوبي/چڱائيءَ جي معنيٰ ڏيندڙ)
- **چاٽ** =چاڙ/سُڌ/پروڙ (آزاد روپ، بنيادي ذاتو)
- **ئو** =پابند پڇاڙي (وارو)

هتي بنيادي ذاتو ''چاٽ'' جي اڳيان ''سُ'' اڳياڙي ملائي، ان جي معنيٰ ۾ هاڪار يا چڱائيءَ جو مفهوم شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پويان ''ئو'' پڇاڙي ملائي، لفظ کي هڪ صفتي (adjective) روپ ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ ريت لفظ جي مجموعي معنيٰ ''چڱيءَ طرح سچاتل'' يا ''سولائيءَ سان پروڙيل'' اُڀري ٿي، يعني اهي جهاز يا سِڙَ (بادبان)، جن کي دور کان ئي واضح طور سڃاٽي سگهجي ٿو.

هي مثال به ثابت ڪري ٿو، ته شاهه لطيف هڪ ئي بنيادي ذاتوءَ سان به مختلف پابند روپ (اڳياڙي ''سُ'' ۽ پڇاڙي ''ئو'') ملائي، لفظ ۾ وضاحت ۽ چٽائيءَ جي معنيٰ پيدا ڪري، سندس شاعريءَ ۾ منظرنگاريءَ کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو آهي.

ڏُکِيَ توءِ ڏُڪارُ، سِيڻَنِ ڏِيهُ <u>سُڪارِئو</u>، (گربخشاڻي،2009ع؛ ص 355)

- **سُ** =هاڪاري پابند اڳياڙي (چڱائي)
- **ڪار** =ڪم/عمل (آزاد روپ)
- **اِئو** =پابند پڇاڙي (وارو)

معنيٰ: ''سٺي ڪم وارو'' يا ''آباد'' يعني اهو ديس جتي سيڻن سبب چڱائي ٿي.

وستنيو ڏُور ڪِيس هن ڪوڙِيَ اوَڳڻهار، (قليچ،2007ع، ص 469)

- اَو =ناڪاري پابند اڳياڙي (نفي)
- ڳڻ =ڳڻ/خوبي (آزاد روپ)
- هار =پابند پچاڙي (رڪندڙ)

معنيٰ: ”بيڳڻ رڪندڙ“ يا ”عيبدار“ يعني بدڪردار عورت.

عُمَرَ !اُنَّ، اَڳُنَدَرِي، پاسِي ڪاندَ ڪَتَنِّ، (ڳربخشاڻي،2009ع، ص 543)

- اَ =ناڪاري پابند اڳياڙي (نفي)
- ڳُڻ =ڳڻ/خوبي (آزاد روپ)
- دَرِي =پابند پچاڙي (واري)

معنيٰ: ”بيڳڻ واري“ يعني خوبين کان خالي عورت.

مُهِجِي ميٺِ، مَيذَرا !عاقِلَ !اَڱلائِي، (ڳربخشاڻي،2009ع، ص 484)

- اَ =ناڪاري پابند اڳياڙي (نفي)
- ڳالھ =ڳالهه/ڪلام (آزاد روپ)
- آئِي =پابند پچاڙي (واري)

معنيٰ: ”بيڳالهائپ“ يا ”خاموشي“ يعني ڳالهائڻ کان سواءِ رهڻ جي حالت.

جَنِ جو ويڙِنِ سِين واپارُ، سِي ڏوٿِي هُونِ نَہ ڏُبَرا . (ڳربخشاڻي،2009ع، ص 543)

- ڏُ =اوڳڻ ڏيکاريندڙ پابند اڳياڙي
- بَر =زور/طاقت (آزاد روپ)
- ا =پابند پچاڙي (وارا)

معنيٰ: ”بيزور“ يا ”ڪمزور“ ”سَبَرُ“ (زبردست) جي بلڪل ابتڙ.

تو جو پانيو هارُ، سو سُورَنِ جو سَڱَرو، (ڳربخشاڻي،2009ع، ص 454)

- سَ =هاڪاري پابند اڳياڙي (چڱائي/گڏجاڻي)
- ڱَر =سنگ/ساٿ (آزاد روپ)
- او =پابند پچاڙي (وارو)

معنيٰ: ”سنگتي“ يا ”ساٿاري“ يعني سورن جو ساٿي.

جان رَمزَ پَرُوڙِيَم رُوءِ، تان سِرَ وٽِ سُرڪِي سَڳُڻِي. (ڳربخشاڻي،2009ع، ص 81)

- سَ =هاڪاري پابند اڳياڙي (چڱائي)
- ڳُڻ =خوبي/ڳڻ (آزاد روپ)
- اِي =پابند پچاڙي (واري)

معنيٰ: ”سڻ ڳڻن واري“ يا ”خوبين واري“ اَڳُنْدَرِي جي بلڪل ابتڙ.

سَباجها سِرِ چَڙهئو، ڏوراپو نہ ڏِينِ،(ڳربخشاڻي،2009ع، ص 157)

- سَ =هاڪاري پابند اڳياڙي (چڱائي)
- باجھ =رحم/نوازش (آزاد روپ)
- ا =پابند پچاڙي (وارو)

معنيٰ: ”رحم دل“ يا ”مهربان“ يعني باجھ رکڻ واري خوبي رکندڙ.

چُڪِي، تِي چَيومِ،” سُواهَرُو “سَڄَڻِين. (ڳربخشاڻي،2009ع، ص 302)

- سُ =هاڪاري پابند اڳياڙي (چڱائي)
- واهَر =مدد/سنگت (آزاد روپ)
- او =پابند پچاڙي (وارو)

معنيٰ: ”سڻو واهَرُو“ يا ”سچو مددگار“ يعني وفادار سنگتي.

انهن سڀني مثالن ۾ اهو واضح ٿئي ٿو، ته شاهه عبداللطيف هڪ ئي بنيادي (آزاد) ڏاتوءَ کي وچ ۾ رکي، ان جي اڳيان هاڪاري (سَ/سُ) يا ناڪاري (اَ/اَو/ڏُ) پابند اڳياڙيون، ۽ پويان مختلف پابند پچاڙيون ملائي، هڪ ئي ڏاتوءَ مان مخالف يا ملندڙ جلندڙ معنائون پيدا ڪيون آهن (جيئن ڳڻ/اَڳُنْدَرِي بمقابله سَڳُڻِي). اهو صرفياتي ڪمال، سندس شاعريءَ جي معنوي تضاد ۾ توازن پيدا ڪرڻ جي فن کي نمايان ڪري ٿو.

**نتيجو**

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مرتب لفظ، آزاد روپ ۽ پابند روپ جي فني ميلاپ سان تخليق ٿيا آهن. انهن مان ڪجهه لفظ رڳو اڳياڙي جوڙ سان، ڪجهه رڳو پڇاڙي جوڙ سان، جڏهن ته ڪجهه لفظ ٻنهي (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) پابند روپن جي گڏيل ۽ همعصر استعمال سان ٺاهيا ويا آهن. اهي پابند روپ، جيئن اَ، اَڻ، اَو، بي، سُ، سَ، ڪُ، ڪم، لا، نا (اڳياڙيون) ۽ آٽي، آري، هار، دار، بان، ندڙ، ناڪ (پڇاڙيون)، بنيادي لفظن جي معنيٰ کي هاڪاري، ناڪاري، صفتي، نسبتي يا فاعلي روپ ۾ بدلائين ٿا. اهڙي صرفياتي بيهڪ نه رڳو لفظن جي وسعت پيدا ڪري ٿي، پر ساڳئي ذاتوءَ مان مخالف معنائون (جيئن سَڳُڻِي ۽ اَڳُنڌرِي) پيدا ڪرڻ جي صلاحيت به ظاهر ڪري ٿي، اهو سڀ ثابت ڪري ٿو ته شاهه لطيف جي شاعري، سنڌي ٻوليءَ جي صرفي جوڙجڪ، لغوي ذخيري ۽ تاريخي لسانيات جي اڀياس لاءِ هڪ اهم، مستند ۽ مالا مال ماخذ آهي.

**حوالا:**


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. (2005ع). سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
2. بيگ، قليچ مرزا، شمس العلماءِ. (2007ع). شاهه جو رسالو. حيدرآباد: سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي.
3. جروار، خان محمد. (2009ع). سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلدII -). حيدرآباد: سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي.
4. جتوئي، علي نواز، پروفيسر. ( 2018ع). علم لسان ۽ سنڌي زبان. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
5. گربخشاڻي، هوتچند، ڊاڪٽر. (2009ع ). شاهه جو رسالو. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.